**ACADEMIA International Journal for Social Sciences**
**Volume 4, Issue 4, 2025 ISSN-L (Online): 3006-6638**

# شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جون سنڌي صحافت ۾ خدمتون

# Shaikh Abdul Majeed Sindhi's Cobtribution to Sindhi Journalism

**Dr. Ghulam Mustafa Solangi**
Executive Producer, Pakistan Television Corporation
**Corresponding Author: * Dr. Ghulam Mustafa Solangi** gm218599@gmail.com

**Received:** 02-11-2025 **Revised:** 04-12-2025 **Accepted:** 15-12-2025 **Published:** 26-12-2025

## ABSTRACT

*Shaikh Abdul Majeed Sindhi stands as one of the most influential pioneers of Sindhi journalism, whose contributions played a decisive role in shaping political awareness, national consciousness, and intellectual resistance during the colonial period. This study examines his journalistic services through the critical lens of the newspapers Al-Ameen, Al-Haq, and Al-Waheed, which served as powerful platforms for articulating Muslim identity, advocating social justice, and mobilizing public opinion in Sindh. Through Al-Ameen, Shaikh Abdul Majeed Sindhi laid the foundations of value-based journalism by promoting ethical responsibility, Islamic principles, and social reform. Al-Haq emerged as a bold voice against British colonial rule, emphasizing truth, justice, and the political rights of Muslims, thereby introducing a tradition of resistance journalism in Sindh. Al-Waheed, his most influential publication, became a central organ for political awakening, Muslim nationalism, and the Pakistan Movement, offering ideological clarity and fostering unity among Sindhi Muslims. The abstract highlights how Shaikh Abdul Majeed Sindhi transformed journalism from mere reportage into a dynamic instrument of socio-political change. His editorials, analytical writings, and fearless stance against oppression significantly contributed to the development of modern Sindhi political thought. The study concludes that his journalistic legacy not only strengthened the foundations of Sindhi journalism but also played a vital role in the broader freedom movement of the subcontinent, leaving a lasting impact on the intellectual and political history of Sindh.*

***Keywords:*** *Al-Ameen, A-Haq, Al-Waheed, Muslim Nationalism, Pakistan Movement, Editorials, Sindhi Journalism, Public Openion, Khilafat Movement.*

## INTRODUCTION

شيخ عبدالمجيد سنڌي ولد ديوان ليلارام 7 جولاء 1889ع تي ٺٽي جي هڪ هندو گهراڻي ۾ ڄائو. پاڻ مشهور سياستدان، سٺو مذهبي عالم، اديب، صحافي ۽ بهترين انسان ٿي گذريو آهي.

شيخ عبدالمجيد سنڌي جي طبيعت ننڍپڻ کان ئي حق جي ڳولائو هئي تنهن ڪري 10 فيبروري 1908ع تي حيدرآباد ۾ شيخ عبدالرحيم جي هٿان مسلمان ٿيو.

شيخ صاحب ميٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي، جنهن کان پوءِ پهريان مسٽر ڏيپچند اوجها نالي وڪيل وٽ منشي ٿيو ۽ پوءِ اچي حيدرآباد ۾رهڻ لڳو. اتي ڪيس رئيس غلام محمد پرگڙي پنهنجي اخبار ”الامين“ جو ايڊيٽر ڪري رکيو . سندن شخصيت و ڪردار جي تعمير کان علاوه صحافت ۽ سياست جي باقاعده تربيت به رئيس الاعظم وٽ ئي حاصل ڪيائون.

شيخ عبدالمجيد سنڌي سنڌي صحافت جو اهو روشن مينار آهي، جنهن پنهنجي قلم، فڪر ۽ عملي جدوجهد وسيلي نه رڳو،“صحافت کي نئون رخ ڏنو، پر سنڌي قوم ۾ سياسي، سماجي ۽ قومي سجاڳي جو شعور به پيدا ڪيو. سندس صحافتي خدمتون خاص طور تي “الامين”، “الحق” ۽ “الوحيد” جهڙين اخبارن جي ذريعي سنڌ جي فڪري تاريخ ۾ هڪ نئون باب کولين ٿيون.” (1)

“الامين” اخبار شيخ عبدالمجيد سنڌيؒ جي ابتدائي صحافتي سوچ جي ترجمان هئي، جنهن ۾ قومي شعور، اسلامي قدرن ۽ سماجي انصاف بابت بيباڪ لکڻيون شايع ٿيون. هي اخبار ان دور ۾ سنڌي مسلمانن لاءِ فڪري تربيت جو اهم ذريعو بڻيل هئي.

“الحق” اخبار ذريعي شيخ عبدالمجيد سنڌي برطانوي سامراج خلاف فڪري مزاحمت کي منظم ڪيو. هن اخبار “حق گوئي، انصاف، سياسي آزادي ۽ مسلمانن جي بنيادي حقن جي دفاع کي پنهنجو مرڪزي موضوع بڻايو. “الحق” سنڌي صحافت کي مزاحمتي صحافت جي صف ۾ بيهارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.” (2)

“الوحيد” اخبار شيخ عبدالمجيد سنڌي جي صحافتي زندگي جو سڀ کان سگهارو ۽ اثرائتو باب آهي. هي اخبار تحريڪ پاڪستان، مسلم قوميت ۽ سنڌي مسلمانن جي سياسي سجاڳي جو مضبوط آواز بڻجي وئي. “الوحيد” جي اداريائي لکڻين سنڌي سماج کي فڪري وحدت، خوداعتمادي ۽ سياسي شعور عطا ڪيو.

“الامين” سيپٽمبر 1916ع ۾ رئيس پرڳڙي مرحوم جاري ڪرائي هئي. اها اخبار سنڌ پاسڪر پريس حيدرآباد ۾ ڇپبي هئي. هن اخبار جو پهريون ايڊيٽر محمد هاشم مخلص مرحوم هو ۽ پهريون مئنيجر شاهنواز پيرزادو مرحوم هو. شيخ صاحب جن کي فيبروري 1919ع کان جلد پوءِ جڏهن الامين جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو ته ان وقت اخبار جو مئنيجر محمد اسماعيل بلوچ هو. هيءَ ڳالهه قابل تعجب آهي ته الامين جي ڪنهن به پرچي ۾ ايڊيٽر جو نالو ڪٿي به لکيل نٿو ملي.البته مختلف مضمونن ۾ يا قارئين کي ڪيل مختلف گذارشن ۾ ايڊيٽر جو نالو لکيل ڏسجي ٿو.

الامين مان سندس مالڪ کي ڪو به مالي فائدو نه رسيو، اخبار ۾ ڏنل انگن اکرن موجب اپريل 1920ع تائين الامين جي ساليانه خريدارن جو تعداد سوا ڇهه سئو هو. الامين جي في خريدار کان 4 رپيا ساليانه ورتا ويندا هئا. اهڙيءَ طرح اداري کي هر خريدار تان 5 رپيه نقصان ٿيندو هو. الامين کي ساليانه 3 هزار رپيه نقصان پوندو هو، جيڪو رئيس پنهنجي کيسي مان پريندو هو.

الامين مسلمانن ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ ۾ بهترين ڪردار ادا ڪيو ۽ خلافت تحريڪ کي به زور وٺرايو. “الامين” جي ادارت دوران “شيخ صاحب جن کي احمد آباد ستياگره جي ڏينهن ملهائڻ ڪري مکي ڇيٺانند، ڊاڪٽر چوئٿرام، سوامي گووندانند، مسٽر جيٺمل پرسرام سان گڏ گرفتار ڪيو ويو هو ۽ ٽن مهينن کانپوءِ سرڪار تنبيهه ڏيڻ بعد آزاد ڪري ڇڏيو.”(3)

شيخ صاحب جن الامين ۾ هر موضوع تي لکيو. سياسي، سماجي، معاشي، معاشرتي ۽ مذهبي. مطلب ته دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جتي به مسلمانن کي ٿوري به تڪليف محسوس ٿي پئي، ته اتي شيخ صاحب جن جو قلم حرڪت ۾ اچي ويندو هو.

الامين جي هڪ پرچي ۾ شيخ صاحب جن خلافت جي اهميت هنن لفظن ۾ بيان ڪندي لکي ٿو ته: “خلافت جو سوال اسلام جي موت ۽ زندگيءَ جو سوال آهي. سوال هي آهي ته مسلمان، مسلمان ٿي رهندا يا يهودين وانگر دربدر ۽ اسان هندستان ۾ برٽش قوم جي نمائندن جو ڌيان ڇڪائيءَ لاءِ عرض ٿا ڪريون ته اهي پنهنجي قوم جي ذهن نشين ڪن ته مسلمان ڪڏهن به يهودي ٿي رهڻ پسند نه ڪندا” (4)

آڪٽوبر 1919ع جي آخر ۾ ساري سنڌ ۾ يوم الخلافت ملهايو ويو. مختلف هنڌن تي جلسا ۽ جلوس ڪيا ويا. اهڙو هڪ جلسو حيدرآباد جي هومسيٽينڊ هال ۾ به منعقد ڪيو ويو. هن جلسي جي صدارت حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽي جن ڪرڻ فرمائي. الامين هن سموري جلسي جي پوري رپورٽنگ شايع ڪئي. هتي قارئين جي دلچسپي لاءِ مولانا امروٽي جن جي تقرير جو ٽڪرو ڏجي ٿو، جيڪو پنهنجي جاءِ تي زبردست اهميت جو حامل آهي. مولانا جن فرمايو ته: “ڇئن سون ورهين جي اسلامي تاريخ شاهد آهي ته جنهن وقت عرب عيش عشرت کي لڳي ويا ۽ انهن ۾ اسلام جي حفاظت جو جوش باقي نه رهيو، ان وقت خدا تعاليٰ پنهنجي دين جي اشاعت ۽ اسلامي جهنڊي جي حمايت ۽ مقامات مقدسه جي خدمت لاءِ ترڪن سڳورن کي انهن جي جاءِ تي کڙو ڪيو، جن پنهنجي مال، جان ۽ لشڪر جون عظيم الشان قربانيون ڪري اسلامي عظمت کي برقرار رکيو. جيڪڏهن ترڪن سڳورن جو وجود مسعود اسلامي حفاظت لاءِ ڪمربسته نه ٿئي ها ته جيڪر اسلام جو نالو زمانه ماضيءَ جو هڪ فسانه ٿي وڃي ها. انهيءَ وقت کان وٺي سلاطين عثمانيه کي سچي دنيا جا علماءِ ڪرام نسل بعد نسل پنهنجو مذهبي پيشوا ۽ خليفو تسليم ڪندا آيا آهن ۽ هن وقت به چند ناعاقبت انديشن کانسواءِ جمهور علماءِ اسلام اعليٰ حضرت سلطان و معظم وحيدالدين محمد سادس خلد الله ماسڪه کي خليفة المسلمين تسليم ڪن ٿا ۽ انهيءَ کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي به انهيءَ منصب جليل جو لائق نٿا سمجهن. هن منحوس جنگ جي خاتمي مسلمانن کي اطيمنان جي بجاءِ اضطراب ۽ بي قراري جي کُنن ۾ وجهي ڇڏيو آهي. جيئن ته مقامات مقدسه جي اسلام جي هٿن مان نڪري وڃڻ ۽ اسلامي سلطنت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ ۽ ترڪن سڳورن کي سندن قديم وطن مان تڙي ڪڍڻ ۽ درالخلافه کي غير مسلم اقوام جي حوالي ڪرڻ جي ارادن جي روح فرسا جانگداز خبرن مسلمانن جي دلين کي مصروف به آهه و بقا ۽ سندن هٿن وقف ماتم بڻائي ڇڏيو آهي.”(5)

شيخ صاحب جن سنڌ ۾ وڏي پئماني تي هڪ عربي يونيورسٽي قائم ڪرڻ متعلق الامين ۾ هڪ اداريه لکيو ته ،“سنڌ ۾ هڪ اعليٰ درجي جي عربي يونيورسٽي جي ضرورت آهي. جتي انگريزي ۽ عربي علوم جي تحصيل سان گڏ حرفت ۽ صنعت جي تعليم به مهيا ٿي سگهي. سنڌ ۾ خداجي فضل سان اڃان اهڙا بزرگ ۽ علماءَ موجود آهن جي ڪنهن به ملڪ لاءِ باعث فخر ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن

اهي بزرگ اسان جي سياسي ليڊرن سان گڏجي انهيءَ ڪم ۾ هٿ وجهن ته اسان کي اميد آهي ته عربي يونيورسٽيءَ جو قائم ٿيڻ ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي." (6)

شيخ صاحب جن ڪيترن ئي ڪتابن جا مصنف آهن. سندن مشهور تاريخي ڪتاب جهڙوڪ: تاريخ اسپين ۽ عمر بن عبدالعزيزؒ ڪانسواءِ هڪ ٻيو ڪتاب "تواريخي جواهر" به مشهور آهي. جيڪو فقط هڪ دفعه 1920ع ۾ شايع ٿيو هو. هن ڪتاب جون چند قسطون الامين ۾ به شايع ڪيون هئائون. هر قسط جي شروعات ۾ لارڊ مئڪالي جو مشهور قول لکيل آهي: "جي ماڻهو پنهنجي اسلاف (بزرگن) جا ڪارناما فخر ۽ ناز سان نٿا ياد ڪن سي گويا خود به ڪڏهن اهڙو ڪم نه ڪندا."(7) مطلب ته الامين شيخ عبدالمجيد سنڌي جهڙي عظيم مدبر جي قلم جي زيور سان آراسته ٿي شايانِ شان طريقي سان نڪرندي رهي.

"الامين" جي ادارت دوران مئي 1920ع ۾ شيخ صاحب جن به پنهنجي ملڪ مان هجرت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن سبب الامين جي ايڊيٽري ڇڏڻ لاءِ اهڙي تار رئيس پرگڙيءَ مرحوم کي پڻ رواني ڪيائون. پاڻ اهڙو اظهار الوحيد جي ايڊيٽر کي لکيل هڪ خط ۾ پڻ ڪيائون: "مهتمم الوحيد: جيئن ته آئون هجرت ڪري وڃڻ وارو آهيان. انهيءَ بندوبست ۾ مشغول آهيان، تنهن ڪري مون کي الامين جي ايڊيٽري ضرور ڇڏڻي پوندي ۽ اهڙي تار مون مسٽر غلام محمد پرگڙي کي پڻ رواني ڪئي آهي. منهنجو سڀني سنڌ جي پائرن جي خدمت ۾ عرض آهي ته جيستائين "الامين" جو ڪو ٻيو ايڊيٽر مقرر نه ٿيو آهي تيستائين اخبار نڪرڻ ۾ جيڪڏهن دير ٿئي ته معاف ڪندا. شيخ عبدالمجيد." (8) ان ڪانپوءِ ايئن معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ عظيم اخبار ڪجهه مهينا اڳتي هلي بند ٿي وئي.

نومبر 1920ع ۾ هيءَ اخبار بند ٿي چڪي هئي، اهوئي سبب آهي جو الوحيد 18 نومبر 1920ع واري پرچي ۾ هن عظيم اخبار کي مرحومه ڪري لکيو هو. "الحق" ۽ "الامين" بعد شيخ صاهب جن جو ٽيون صحافتي قدم"الوحيد" هو، جنهن جي شروعات ادارت سان ڪيائون. تقريباً 36 سال الوحيد سان نينهن نڀايائون.

4 جنوري 1920ع ۾ حيدرآباد ۾ مرحوم مولانا غلام محمد ملڪاڻي صاحب جي صدارت هيٺ خلافت ڪانفرنس منعقد ٿي. اها قومي تحريڪ جوڀن ۾ هئي، ملڪ ۾ جوش و خروش پيدا ٿيل هو." سوين مسلمان قرباني لاءِ سِر تِريءَ تي رکي ميدان ۾ اچي چڪا هئا. ترڪي خلافت جي زوال تي چؤطرف روج راڙو متل هو. مسلمان قوم پوري همت سان ترڪ موالات لاءِ تياري ڪري رهي هئي. مگر ان وقت مسلمانن کي ڪا به روزانه اخبار ڪا نه هئي جا سندن جذبات جي مؤثر طريقي سان ترجماني ڪري سگهي." (9) انهيءَ ضرورت کي سامهون رکندي ان ڪانفرنس ۾ تجويز پيش ٿي ته "سنڌي مسلمانن جون ٻه هفتيوار اخبارون هڪ الامين شيخ عبدالمجيد جي ادارت ۾ حيدرآباد مان شايع ٿئي ۽ ٻي الحق شيخ عبدالعزيز جي ادارت ۾ سکر مان نڪري ٿي، پر روزانه سنڌي اخبار مسلمانن جي طرفان جاري ڪجي ۽ ان جو نالو تجويز ڪجي. هڪ صاحب چيو ته "ڪلمة الحق" نالو رکجي پر تائيد ڪا نه ٿي. ٻئي صاحب چيو ته "السلطان" نالو رکجي جو اسان جي خليفي ترڪي حڪومت جي بادشاهه کي سلطان ڪوٺيو وڃي ٿو. مگر ان جي به اڪثريت سان تائيد نه ٿي. ان تي مولوي محمد صديق مورائيءَ چيو ته هن وقت ترڪي حڪومت جي گاديءَ تي وحيدالدين حاڪم آهي تنهن ڪري اخبار جو نالو "الوحيد" رکيو وڃي. سڀني حاضرين ان نالي جي تائيد ڪئي." (10)

اهڙيءَ طرح مرحوم سر سيٺ حاجي عبدالله هارون پنهنجن ٻين ساٿين مولانا تاج محمود امروٽي، شيخ عبدالمجيد، مولانا محمد صادق کڏي وارو، مولانا دين محمد وفائي ۽ شيخ عبدالعزيز صاحب سان وڏيڪ صلاح مشورو ڪري پنهنجي ذاتي خرچ تي ڪراچي ۾ شيخ عبدالعزيز، محمد سليمان جي اهتمام هيٺ الوحيد روزانه مارچ 1920ع ۾ جاري ڪئي. الوحيد جو پهريون پرچو 15 مارچ 1920ع ۾ شايع ٿيو.

اخبار جي ايڊيٽري لاءِ سڀ کان پهريائين مولانا دين محمد وفائي جن کي گهرايو ويو پر جيئن ته پاڻ ان وقت ٺلاهه تعلقه لب درياهه ۾ جناب پير حاجي محمد امام الدين شاهه قدس سره وٽ سندس صاحبزادي کي تعليم ڏيندا هئا، ان ڪري پاڻ هن ذميداري کڻڻ کان قاصر رهيا. "انهيءَ ڪري سيٺ صاحب مرحوم قاضي عبدالرحمان کي جو تازو بي اي پاس ڪري آيو هو. الوحيد جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ۽ شيخ عبدالعزيز محمد سليمان (الحق وارو) الوحيد کان الڳ ٿي ويو. اهڙيءَ طرح الوحيد پنهنجي نئين رنگ ڍنگ ۾ نيئن پاليسي سبب نهايت مقبول ۽ شهرت حاصل ڪندي وئي." (11)

الوحيد جي جاري ٿيڻ جا هيٺيان مقصد هئا:

1) خلاف اسلاميه متعلق مسلمانن کي ضروري واقفيت پهچائڻ،

2) هندو مسلم اتحاد ۽ هندستان جي آزاديءَ جي حمايت ڪرڻ،

3) مسلمانن کي سندن ضرورتن کان واقف ڪرڻ،

4) حڪومت کي صحيح صلاح ڏيڻ،

5) عوام جي خيالن جي صحيح ترجماني ڪرڻ.

الوحيد پنهنجي پهرين پرچي ۾ ”پيغام الوحيد“ جي سري سان اداريو لکيو، جيڪو پهرين صفحي ۾ ئي شايع ڪيو ويو. ان ڪانسواءِ پهرئين صفحي تي بارگاهه ايزدي ۾ هڪ التجا به شايع ڪئي، دعا جي شروع ۾ لکيل آهي: ”اي بادشاهن جا بادشاهه اي درماندن جا دستگير، اي عاجزنواز موليٰ تنهنجو دين قويم ۽ تنهنجي پياري حبيبﷺ جي يادگار اڄ دنيا مان مٽجڻ واري آهي. تنهنجي هيڪڙائي ۽ توحيد جو نالو وٺندڙ ڪفر جي نرغي ۾ آهن. اي ٻنهي جهانن جا پالڻهار موليٰ اسلام جي لڄ تنهنجي دست ڪرم فرما ۾ آهي. دنيا تنهنجي نگاهه اميد نواز سان سرفراز آهي. اسين به جيڪڏهن محو عصيان غلام آهيون پر تنهنجي حبيب پاڪﷺ جي دامن شفاعت ۾ هٿ اٽئون.“ (12)

روزنامه الوحيد جاري ٿيڻ سان مسلمانن جون نظرون هاڻي الوحيد ڏانهن کڄڻ لڳيون ۽ الوحيد ئي سنڌ جي مسلمانن جي واحد ترجمان هئي جيڪا مؤثر نموني سان مسلمانن جي ترجماني ڪرڻ جي اهل هئي. اهڙيءَ طرح سنڌ جا سڀئي ماڻهو الوحيد کي گهڻو چاهيندا هئا. شيخ صاحب جن کي به الوحيد لاءِ محبت ۽ اُنسيت هئڻ قدرتي امر هو، جو ساڳئي وقت پاڻ الوحيد جي بانيڪارن مان پڻ هئا.

الوحيد سان سندن گهري انسيت ۽ لاڳاپي جو وڏيڪ هي ثبوت ملي ٿو ته جڏهن الوحيد جي ايڊيٽر جناب قاضي عبدالرحمان صاحب کان جولاءِ 1920ع ۾ سال 1910ع جي پريس ائڪٽ جي سيڪشن 3، پاڱي 1، موجب 2 هزار رپين جي ضمانت گهري ويئي، جنهن لاءِ قاضي سنڌ جي مسلمانن کي مدد ڪرڻ جي اپيل سان گڏ ”الوحيد سيڪيورٽي فنڊ“ به قائم ڪيو هو. ”انهيءَ فنڊ ۾ شيخ صاحب جن پنجاهه روپيه پنهنجي طرفان ۽ سٺ روپين جو هڪ زيور پنهنجي اهليه طرفان ڏنو.“ (13)

اهڙيءَ طرح شيخ صاحب جن مسلمانن لاءِ الوحيد کي صحيح ۽ مؤثر ذريعو ئي سمجهيو. ساڳئي وقت قاضي صاحب جن به الوحيد ۾ شيخ صاحب جي موجودگي ضروري ٿي سمجهي. ان بابت قاضي صاحب جن الوحيد ۾ لکيو ته، ”شيخ عبدالمجيد صاحب جن هن جي مضامين کان محرومه اخبار الامين جا شائق هر هفتي فيض پرائيندا هئا، تنهن منهنجي استدعا قبول ڪري هتي اچي الوحيد جي ايڊيٽري جي ڪم ڪرڻ لاءِ هاڻي نيٺ هيترن مهينن بعد انجام ڏنو آهي. شيخ صاحب تبليغ جو ڪم سنڌ ۾ هاڻي پورو ڪيو آهي. اميد ته هن مهيني جي آخر کان اڳ اچي مون سان ڪم ۾ شامل ٿيندو. قاضي عبدالرحمان ايڊيٽر الوحيد.“ (14)

انهيءَ کان جلد پوءِ 25 ڊسمبر 1920ع ۾ قلم 124 الف تحت وارنٽ ڪڍي قاضي صاحب کي گرفتار ڪيو ويو. مٿن مضمونن ۽ ادارين جي ڇپجڻ جو الزام لڳايو ويو.

قاضي صاحب جن جي گرفتاريءَ سبب ساڻن همدردي ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ عيدگاهه جي پرسان هڪ جلسو منعقد ڪيو ويو. ان جلسي ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي برک ليڊرن تقريرون ڪيون. شيخ صاحب جن به هن جلسي کي خطاب ڪيو. شيخ صاحب جن قاضي صاحب جي گرفتاريءَ کي ننديندي چيو ته: ”قاضي صاحب جي گرفتاري جو ٻڌي مون کي صدمون بيشڪ ٿيو پر صدمي کان وڏيڪ خوشي ٿي ۽ خوشي هن ڳالهه جي ٿي ته سنڌ ۾ اهڙا مسلمان موجود آهن جي پنهنجي ملڪي ۽ مذهبي آزاديءَ تان قربان ٿيڻ لاءِ تيار آهن. سرڪار اسان جي جسمن تي قبضوڪري سگهي ٿي ۽ نه روحن تي. سرڪار تواريخ کان سبق نٿي وٺي. تاريخ سيکاري ٿي ته باهه وسائڻ لاءِ پاڻيءَ جي ضرورت آهي، نه تيل جي. ته آزاديءَ جي کينهوڙي کي جيترو زور سان زمين تي ڦٽو ڪبو آهي، ايتريقدر زور سان کينهوڙو ٽپ ڏيندو آهي، جڏهن به ڪنهن قوم ۾ آزاديءَ جو خيال پيدا ٿيو آهي، تڏهن اهو هرگز فنا نه ٿي سگهيو آهي، بلڪه انهيءَ خيال جي فنا ڪرڻ وارا خود فنا ٿي ويا آهن. دنيا ۾ حق ۽ صداقت جي اعلان لاءِ ڪنهن به توب ۽ تلوار جي ضرورت نه، پر هڪ راستگو زبان ۽ خدا ترس دل جي ضرورت آهي. حق ۽ صداقت اوهان جي پاسي آهي. تنهن ڪري حق کي نيٺ فتح ٿيندي ۽ باطل کي شڪست.“ (15)

آزاديءَ جو هي متوالو شيخ صاحب چند ڏينهن ۾ ڪراچي پهچي ويو. انهيءَ عرصي دوران قاضي صاحب سندس ڪيس متعلق مشورو ڪرڻ لاءِ پروفيسر واسواڻي ۽ شيخ عبدالمجيد لاءِ ڪورٽ کان اهڙي اجازت وٺي ڇڏي هئي. قاضي صاحب پنهنجي ڪيس متعلق مشوري دوران الوحيد بابت به پنهنجن دوستن سان مشورو ڪيو.

14 جنوري 1921 تي قاضي عبدالرحمان جي ادارت ۾ الوحيد جو آخري پرچو نڪتو، جنهن جو نمبر 204 هو. 20 جنوري 1921ع تي قاضي جن کي ٽن مضونن ۽ ادارين شايع ڪرڻ تي ٽي ٽي سال سزا ڏني وئي ۽ اهڙيءَ طرح اخبار جو ڊڪليئريشن به رد ڪيو ويو. نئين ڊڪليئريشن لاءِ شيخ صاحب درخواست ڏني. آخرڪار نئون ڊڪليئريشن مليو. اهڙيءَ طرح شيخ صاحب جن جي ادارت ۽ انتظام هيٺ الوحيد جو پهريون پرچو 25 جنوري 1921ع ۾ نڪتو جنهن جو نمبر 205 هو. ان بعد پاڻ ڪافي مهينا الوحيد جي ادارت سنڀاليندا رهيا. بس الوحيد سان سندن عشق جي اها پهرين منزل هئي جيڪا پاڻ بحسن و خوبي نڀايائون. شيخ صاحب جن پهرين پرچي ۾ معذرت سان گڏ اداريه ۾ قاضي عبدالرحمان صاحب جو بيان شايع ڪيو جيڪو ٻن قسطن ۾ آيو. الوحيد جي ايڊيٽري ڪندي شيخ صاحب جن کي اڃا 7 مهينا مس گذريا هئا ته کين مهاراج وشنو شرما سان گڏ گرفتار ڪيو ويو. 2 سيپٽمبر 1921ع تي سزا ملي. ٻه سال کن سزا ڪاٽي، 14 جون 1923ع تي آزاد ٿيا. انهيءَ عرصي دوران مسٽر دين محمد عليگ الوحيد جي ادارت جا

فرائض سرانجام ڏنا. آزادي کانپوءِ شيخ صاحب جن وري به خلافت جي حق ۾ ڪم ڪرڻ لڳا. سرڪار طرفان کين چيو ويو ته هو پنهنجي هلت چلت جي ضمانت ڏئي، جنهن جو مطلب هيءُ هئو ته هو وري حڪومت جي خلاف بغاوت ۽ خلافت تحريڪ ۾ حصو نه

وٺي. ان تي ”الوحيد“ ۾ ٻن قسطن ۾ هڪ مضمون پڻ لکيائون. بهرحال پاڻ جدوجهد جاري رکندا آيا. وري به کين گرفتار ڪيو ويو، جتان هڪ سال جي سزا ڪاٽي ڊسمبر 24 ۾ وري آزاد ٿيا.

شيخ صاحب جي آزاديءَ وقت حالتون ڪافي حد تائين بدلجي چڪيون هيون. خلافت جو خاتمو ٿي چڪو هو، مسلمانن ۾ مايوسي پيدا ٿي چڪي هئي. شيخ صاحب الوحيد اخبار جي ذريعي ان مايوسيءَ کي ختم ڪرڻ گهريو ٿي، ان مقصد ماٽڻ لاءِ هن تحرير ۽ تقرير، ٻنهي جو سهارو ورتو.

7 مارچ 1926ع جي ”الوحيد“ ۾ شيخ صاحب ”سنڌ جي مسلمانن جي حالت زار تنظيمي ۽ تبليغي سرگرمين جي لاءِ اپيل“ جي عنوان هيٺ تبليغي مضمون لکيو،جيڪو هتي ڏجي ٿو:

”اڄ هندستان ۾ هر هڪ قوم پنهنجي اندروني اصلاح جي ڪم ۾ مشغول آهي. سنڌ ۾ ئي هندو پنهنجي قوم لاءِ جو ڪجهه ڪري رهيا آهن، ان مان قياس ڪري سگهجي ٿو ته باقي علائقن ۾ هندو ڇا ڪجهه نه ڪندا هوندا. هندو قوم جون ٻه روزانه انگريزي اخبارون آهن، چار سنڌي روزانيون، ڪيترائي هفتيوار ۽ ماهوار رسالا. هر سال هندن جي ڪوشش سان ڪتابن جو ٻه چڱو تعداد ڇپجي پيو. ڪيترائي اشاعتي ادارا آهن، شاهوڪار ماڻهو ان لاءِ خيرات ڏيندا آهن. حيدرآباد ۾ نيشنل ڪاليج، اڪيڊمي ۽ نووديالي ۽ ڪراچي ۽ ٻين هنڌن تي انهن جي انتظام هيٺ گهڻا ئي اسڪول آهن. حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ ٻن ٽن صاحبن قومي امداد طور 20-20 هزار رپيا ڏنا آهن ته اسڪول کوليا وڃن ۽ ٿيون ڏينهن صرف هڪڙي صاحب 50 هزار رپيا هڪ آريه سماجي اسڪول لاءِ ڏنا آهن.

انهن جون ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر ۾ پنچائتون آهن. هرهڪ پنچائت کي پنهنجو سرمايو ۽ جدا جماعت خانو آهي. انهن جون لائبريريون ۽ سوسائٽيون مختلف ڪمن واسطي ۽ ڪلبون هر هنڌ موجود آهن. هندو مها سڀائون انهن جون جاتي (قومي) حقن جون نگهبان ۽ شنگھٹن ۽ شڌيءَ جون مددگار آهن. حيدرآباد جي هڪ ميٽنگ ۾ 25 هزار رپيا گڏ ڪرڻ جي تحريڪ ٿي ته ٻن ڏينهن اندر گڏ ٿي ويا.

هندن سان مون کي حسد ڪو نه آهي، پر رشڪ ضرور اچي ٿو. جيتونيڪ انهن جون ڪي تحريڪون اسلام ۽ مسلمانن جي خلاف آهن، پر جنهن جان فروشيءَ سان انهن جا قومي ورڪر ڪم رهيا آهن ۽ دولتمند چندا ڏيئي رهيا آهن، تنهن جي تعريف ڪرڻ کانسواءِ مان نٿو رهي سگهان. بيشڪ اهي ئي علامتون آهن هڪ زندهه قوم جون. هندن جي هر هڪ طبقي جا ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن طرح سان قومي خدمت ڪري رهيا آهن. انهن جا ٻاوا ۽ پنڊت، بيريسٽر ۽ وڪيل، واپاري ۽ تاجر، سرڪاري نوڪر ۽ نواب، تعليم يافته زميندار ۽ ڪاريگر، سڀ هر طرح سان پنهنجي قوم جي خدمت ڪري رهيا آهن. هاڻي مسلمانو! توهان پنهنجو جائزو وٺي ڏسو. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ڪي خدا جا بندا هر هنڌ پيا آهن، جي پنهنجي محدود دائري اندر هزارين مشڪلاتن جي هوندي به ڪم ڪري رهيا آهن، پر اهڙا ماڻهو ڏيڪاريو جي اسلام ۽ ساري سنڌ جي مسلمانن جي قومي حالت درست ڪرڻ لاءِ ڪوشان هجن، اهڙيون تحريڪون ڏيکاريو جن جو ساري سنڌ جي مسلمانن سان تعلق هجي. مسمانن ۾ سواءِ نعريبازي ۽ ڳالهين کان ٻيو ڪجهه به ڪين آهي. اهڙي قوم ڪيئن زندهه رهي سگهي ٿي، جنهن جي خدمت لاءِ ڪو هڪڙو مسلمان به پنهنجي زندگي وقف ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ اها قوم ڪيئن ڪنڌ ڪڍي سگهي ٿي، جا هڪڙو به پگهاردار ماڻهو سنڌي مسلمانن جي حالت درست ڪرڻ لاءِ نذر نٿي ڪري سگهي.

مون کي معلوم آهي ته ڪن هنڌن تي مسمانن جي تعليمي حالت سڌارڻ لاءِ ڪي ڪوششون هلي رهيون آهن، پر اهي ڪم فقط مڪاني آهن، پر ساري سنڌ سان واسطو نه ٿا رکن، ۽ اهي مڪاني ڪوششون به انتهائي محدود ۽ تنگ دست آهن. سي اڄ نه ته سڀاڻي مسلمانن جي مرده دلي سبب نابود ٿينديون.

هي جماعتون ساري سنڌ جي مسلمانن سان واسطو رکڻ جي دعوي ڪن ٿيون:

(1) سنڌ مسلم ايسوسيئيشن

(2) سنڌ مسلم تعليمي ڪانفرنس بورڊ

(3) جمعيت العلماءِ سنڌ

(4) جمعيت الخلافت سنڌ

(5) مسلم ڪاليج تحريڪ

(6) صوبه سنڌ خلافت ڪميٽي

(7) انجمن نو مسلمانان سنڌ.

انهن مان هر جماعت جي سيڪريٽري کان پڇيو ته توهان وٽ ڪيترو سرمايو آهي؟ ڪيترا پگهاردار ماڻهو آهن؟ ڪيتري آمدني ۽ خرچ آهي؟ توهان ڪهڙو ڪم ڪري رهيا آهيو؟ انهن مان ڪن جماعتن جي اخلاقي، مذهبي ۽ علمي حالت بيان ڪندي شرم ٿو اچي ۽

مالي حالت ته سيني جي ساڳي آهي. هاڻي آئون عرض ڪرڻ گهران ٿو ته منهنجو تعلق پوين ٻن جماعتن سان آهي، پهرين جماعت، تنظيم جي ڪم لاءِ ٻن هزارن رپين جي اپيل ڪئي آهي، ٻي جماعت جاءِ جي خرچ ڪانسواءِ به هزار رپيا سالياني سرمائي لاءِ اپيل ڪئي اهي. تنظيمي سرمائي مان ڪهڙا ڪم ڪيا ويندا، تن جو بيان ڪيترا دفعا ”الوحيد“ ۾ ڪيو ويو آهي. تبليغي سرمايو فقط مسلمانن کي، غير مسلمانن ۾ اسلام جي تبليغ لاءِ ۽ نون مسمانن جي قيام، پرورش، تعليم، تربيت ۽ روزگار جي بندوبست لاءِ آهي. جيڪڏهن مسلمانن ۾ انهن ڪمن لاءِ ڪنهن ۾ ڪم جو احساس هجي ته اخبار ۾ اپيل ڪرڻ، امداد لاءِ ڪافي آهي.

منهنجا مسلمان پائر گورنرن ۽ معمولي سرڪاري آفيسرن جي قدمن تان سوين نه هزارين رپيا قربان ڪريو ڇڏين ۽ ڪتن، گڏهن، ڪڪڙن، بازن، شڪارن ۽ عياشين تي به سال ۾ هزارين رپيا اڏايو ڇڏين، جي وڏيڪ دينڊار مسلمان آهن سي وري ڇٽين، ختنن، شادين ۽ غمين جي پٺن تي. انهن پٽن ته اسان جي قوم جو خانو خراب ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن اسان جا وڏا ماڻهو، جهالت ۽ عيش و عشرت ۾ تباهه ٿيا آهن ته اسان جا ننڍا ماڻهو پٽن جي صدقي برباد ٿي ويا. اناللہ وانا اليہ راجعون.

مان مسلمانن جي اڳيان درد دل سان پنهنجي حالت بيان ڪريان ٿو ۽ اپيل ٿو ڪريان ته مٿين تبليغي ۽ تنظيمي ڪمن لاءِ منهنجو ساٿ ڏين. مان هن ڪم لاءِ هر هڪ ضلعي کي 10-12 ڏينهن ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، جي گهربل رقم گڏ ٿي وئي ته باقاعده ڪم شروع ڪري ڇڏبو.“ (16)

مٿين حالتن ۾ شيخ صاحب جن ”الحويد“ اخبار جي ذريعي، ان ڳالهه جي لاءِ پاڻ پتوڙيو ته مسلمان ووٽرن جي اندر شعور پيدا ڪيو وڃي ۽ جاگيردار اڳواڻيءَ کي ڌڪ هٽي ڌار ڪيو وڃي. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ شيخ صاحب جن مسلسل لکندا رهيا. ”شيخ صاحب وٽ قلم هو، زبان هئي، دماغ هو. ارادي جي قوت هئي. ان ڪانسواءِ وٽس ٻيو ڪجهه ڪو نه هو. هٿين خالي وڙهندو رهيو. ڪڏهين هندن سان، ڪڏهين انگريزن سان، ڪڏهين انگريز جي ٽوڊين سان، ڪڏهين سياسي ٺيڪيدارن سان، ڪڏهين سيٺين ۽ سَرن سان. نتيجو ڪجهه به پئي نڪتو، پر دائما هٿ صاف ۽ ڳاٽ اوچيو رهيو.“ (17)

جنهن اخبار کي سر حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالعزيز جي اهتمام سان جاري ڪيو انهيءَ اخبارڪي شيخ عبدالمجيد سنڌي مرحوم جن اڳتي وڌايو ۽ ترقي وٺرائي. هن اخبار جو پهريون ايڊيٽر قاضي عبدالرحمان ته آخري ايڊيٽر هلال پاڪستان جو اڳوڻو ايڊيٽر شيخ عبدالرحيم مرحوم هو.

الوحيد سنڌجي 36 سالن ( 1920ع کان 1956ع تائين ) جو تاريخي، علمي، ادبي ۽ سياسي خزانو آهي.

الوحيد شيخ صاحب جن طرفان قوم کي ڏنل هڪ تحفو آهي، جنهن کي سينگارڻ لاءِ پاڻ دامي، درميۦ سخني قربانيون ڏنائون. الوحيد شيخ صاحب جن جي زندگيءَ جو هڪ ڪارنامو آهي ۽ انهيءَ عظيم اخبار جا صفحا اڄ به پنهنجي محسن جي عظمت جي شاهدي ڏيئي رهيا آهن:

_ الوحيد عام مسلمانن ۾ سياسي شعور پيدا ڪيو.

_ الوحيد خلافت تحريڪ کي به اڳتي وڌايو.

_ الوحيد مقامات مقدسه جي حفاظت لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو.

_ الوحيد ڏکڻ ايشيا ۽ خاص طور سنڌ جي مسلمانن ۾ آزاديءَ جي تڙپ پيدا ڪئي ۽ هڪ جوت جلائي.

_ الوحيد مسلمانن ۾ باهمي اتحاد ۽ اتفاق پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

_ الوحيد مسلمانن کي پنهنجن حقن جو احساس ڏياريو.

الوحيد سنڌ کي بمبئي تسلط کان آزادي ڏيارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. انهيءَ علحدگيءَ جي موقعي تي شيخ صاحب جن ”الوحيد سنڌ آزاد نمبر“ جي صورت ۾ قوم کي علمي ۽ تاريخي تحفو ڏنو. جنهن کي مرتب ڪرڻ ۾ مولانا دين محمد وفائي بزرگ جن ڀرپور حصو ورتو. اها به حقيقت آهي ته الوحيد کان اڳ اخبار بينيءَ جو شوق گهٽ هو پر الوحيد نه فقط اهو شوق پيدا ڪيو پر انهيءَ کي اوج تي پهچايو. اهڙيءَ طرح سنڌي صحافت جي ترقي ۽ ترويج لاءِ الوحيد جون ڪوششون نمايان حيثيت رکن ٿيون.

الوحيد کي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن به ڏسڻا پيا، گهڻيون تڪليفون، مشڪلاتون ۽ پريشانيون ڏسڻيون پيون. ڪيترائي ڀيرا ضمانتون ۽ بندشون برداشت ڪرڻيون پيون، جنهن لاءِ ”الوحيد سيڪيورٽي فنڊ“ به قائم ڪيا. سنڌ جي مسلمانن اڳيان چئن آنن ۽ هڪ رپيه لاءِ به فقيراڻو سوال ڪرڻو ٿي پيو. پر شاباس هجي هن مست قلندر کي جنهن 36 سال الوحيد سان نينهن نڀايو، سو به ان صورت ۾ جڏهن سامان جي گراني مفت خورن ۽ پريس ائڪٽ جي مهرباني ۽ پنهنجن جي ناقدرداني جهڙا ڳرا بار موجود هئا.

ملڪ جي آزاديءَ بعد الوحيد کي ويتر گهڻا ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا، جن الوحيد کي هيٺو ڪري وڌو. ملڪ جي آزاديءَ کان جلد پوءِ الوحيد کي بند ڪيو ويو، پر سلام آهي سنڌ جي هن سورهيه فرزند کي جنهن حالتن جو مردانه وار مقابلو ڪيو ۽ الوحيد کي "روزنامه سنڌ" جي نالي سان جاري رکيائين. ڇهن مهينن کانپوءِ الوحيد تان بندش لٿي ته ساڳئي نالي الوحيد سان دوباره شايع ٿيڻ لڳي. 1954ع تائين اهو سلسلو جاري رهيو، پر وري به پنهنجن جي مهربانين سان هڪ سال يعني 1955ع وارو سال هي اخبار نظر اچي نه سگهي. 1956ع ۾ جڏهن پيهر اجازت ملي ته خيرخواهن چند مهينن کان وڌيڪ الوحيد کي اسرڻ نه ڏنو. اهڙي طرح هفته وار "الامين" وانگر سنڌ جي هيءَ تاريخ ساز اخبار به مرحوم ٿي وئي.

**نتيجو :**

شيخ عبدالمجيد سنڌي جون سنڌي صحافت ۾ خدمتون سنڌ جي فڪري، سياسي ۽ قومي تاريخ ۾ هڪ اهم ۽ فيصلائتو مقام رکن ٿيون. هن پنهنجي قلم، فڪر ۽ بيباڪ صحافتي روش وسيلي صحافت کي رڳو خبرن جي اشاعت تائين محدود نه رکيو، پر ان کي سماجي سجاڳي، قومي شعور ۽ آزاديءَ جي جدوجهد جو سگهارو اوزار بڻايو. "الامين"، "الحق" ۽ "الوحيد" جهڙيون اخبارون سندس فڪري دورانديشي ۽ صحافتي مقصدن جو عملي اظهار هيون.

شيخ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي ادارياتي لکڻين ذريعي سچ، انصاف، اخلاقي ذميواري ۽ قومي حقن جي دفاع کي صحافت جو بنيادي اصول بڻايو. خاص طور "الوحيد" اخبار تحريڪ پاڪستان دوران سنڌي مسلمانن جي سياسي سجاڳي، فڪري وحدت ۽ قومي سڃاڻپ جي تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن اخبار سنڌي صحافت کي مزاحمتي ۽ مقصدائتي صحافت جي سطح تي آندو.

نتيجي طور چئي سگهجي ٿو ته شيخ عبدالمجيد سنڌي جديد سنڌي صحافت جو معمار هو، جنهن صحافت کي قوم جي رهنمائيءَ جو ذريعو بڻايو. سندس صحافتي ورثو اڄ به سنڌي سماج لاءِ فڪري روشني، صحافتي ايمانداري ۽ قومي شعور جو سرچشمو آهي، ۽ اهو ورثو ايندڙ نسلن لاءِ به رهنمائي جو باعث رهندو.

**حوالا :**


1. عباسي، تنوير "منهن تنين مشعل" ، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد ، 1990ع
2. راشدي، علي محمد، پير ، "شيخ عبدالمجيد سنڌي" (مقالو) ، ٺه ماهي مهراڻ (نمبر 1.2) ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1985ع
3. پنهور ، خان محمد ،"هوندا سي حيات" ، شيخ عبدالمجيد سنڌي يادگار سوسائٽي، حيدرآباد ، 1978ع
4. سنڌي ، عبدالمجيد ،(اداريو) ، هفتيوار الامين ، حيدآباد، شمارو 3، 1919ع
5. ساڳيو
6. ساڳيو
7. ساڳيو
8. سنڌي ، عبدالمجيد ،(خط) ، روزاني الوحيد ، ڪراچي 19 مئي 1920ع
9. ساڳيو
10. چنا ، محمد احسن ، حافظ ،"سنڌ ۾ پهرين خلافت ڪانفرنس" (مضمون) ، ماهوار پيغام ڪراچي، ڊسمبر 1980ع
11. ساڳيو
12. سنڌي، عبدالمجيد (اداريو) ، روزاني الوحيد ، ڪراچي، 15 مارچ 1920ع
13. ساڳيو
14. ساڳيو
15. ساڳيو
16. پٺو ، محمد موسيٰ ، حافظ ، "پرين جي پچار" ، باب الاسلام پبليڪيشن ، حيدرآباد، 1982ع
17. پنهور ، خان محمد ،"هوندا سي حيات" ، شيخ عبدالمجيد سنڌي يادگار سوسائٽي، حيدرآباد ، 1978ع